SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III، 1973

SINDH ACT NO. III OF 1973

اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

THE WEST PAKISTAN ESSENTIAL SERVICES (MAINTENANCE) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (PREAMBLE)

1. مختصر عنوان ۽ نفاذ

SHORT TITLE AND COMMENCEMENT.

2. اولهه پاڪستان ايڪٽ (XXXIV)، 1958ع جي دفعه 3 ۾ ترميم

AMENDMENT OD SECTION 3 OF WEST PAKISTAN ACT XXXIV 1958.

3. سنڌ آرڊيننس (I)، 1973 جي منسوخي

REPEAL OF SINDH ORDINANCE I OF 1973.

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1973

SINDH ACT NO. III OF 1973

اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

THE WEST PAKISTAN ESSENTIAL SERVICES (MAINTENANCE) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

28 جون 1973

اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) ايڪٽ سال 1958 ۾ تبديلي آڻي ۽ ان جي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ هڪ ايڪٽ

تمهيد (PREAMBLE)

جيئن ته اهو ضروري سمجهيو ويو آهي ته اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) ايڪٽ، 1958 ۾ تبديليون آنديون وڃن ته جيئن ان کي صوبي سنڌ ۾ هيٺين ريت نافذ ڪيو وڃي.

مختصر عنوان ۽ نفاذ SHORT TITLE AND COMMENCEMENT.

1. 1. (1) هي ايڪٽ اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973 (THE WEST PAKISTAN ESSENTIAL SERVICES (MAINTENANCE) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973)سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي نافذ العمل ٿيندو.

اولهه پاڪستان ايڪٽ (XXXIV)، 1958ع جي دفعه 3 ۾ ترميم

2. (1) اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) ايڪٽ، 1958، کي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ دفعه 3 کي ذيلي دفعه (1) شمار ڪبو ان کانپوءِ هيٺ ڏنل ذيلي دفعه جو اضافو ڪيو ويندو.

”(2) حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي خودمختيار تعليمي اداري بشمول يونيورسٽي، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم جي اداري، فني تعليم جي اداري تي هي ايڪٽ يا ان جو حصو لاڳو ڪري سگهي ٿي.“

سنڌ آرڊيننس (I)، 1973 جي منسوخي REPEAL OF SINDH ORDINANCE I OF 1973.

3. ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 کي مسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.